SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر X مجريہ 1997

# SINDH ORDINANCE NO.X OF 1997

# سنڌ ايگريڪلچرل انڪم ٽيڪس (ترميم) آرڊيننس، 1997

# THE SINDH AGRICULTURAL INCOME TAX (AMENDMENT) ORDINANCE, 1997

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)
دفعات (Sections)
1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement
2. 1994 جي سنڌ ايڪٽ XXII جي دفعہ 2 جي ترميم
Amendment of section 2 of Sindh Act XXII of 1994
3. 1994 جي سنڌ ايڪٽ XXII جي دفعہ 3 جي ترميم
Amendment of section 3 of Sindh Act XXII of 1994
4. 1899 جي ايڪٽ II جي دفعہ 73 جي ترميم
Amendment of section 73 of Act II of 1899

# سنڌ آرڊيننس نمبر X مجريہ 1997

# SINDH ORDINANCE NO.X OF 1997

# سنڌ ايگريڪلچرل انڪم ٽيڪس (ترميم) آرڊيننس، 1997

# THE SINDH AGRICULTURAL INCOME TAX (AMENDMENT) ORDINANCE, 1997

[17 مئي، 1997]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ ايگريڪلچرل انڪم ٽيڪس ايڪٽ، 1994 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ ايگريڪلچرل انڪم ٽيڪس ايڪٽ، 1994 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن تہ سنڌ اسيمبلي جو سيشن هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) موجب مليل اختيارن

تحت سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

| | |
|---|---|
| مختصر عنوان ۽ شروعات<br>Short title and commencement | 1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ ايگريڪلچرل انڪم ٽيڪس (ترميم) آرڊيننس، 1997 سڏيو ويندو.<br>(2) هي خريف 1996 تي ۽ ان کانپوءِ لاڳو سمجهيو ويندو. |
| 1994 جي سنڌ ايڪٽ XXII جي دفعہ 2 جي ترميم<br>Amendment of section 2 of Sindh Act XXII of 1994 | 2. سنڌ ايگريڪلچرل ٽيڪس ايڪٽ، 1994 ۾، جنهن کي ان کانپوءِ "چاٽايل ايڪٽ" سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 2 جي ذيلي دفعہ (1) ۾:<br>(i) شق (b) کانپوءِ هيٺين ريت اضافو ڪيو ويندو:<br>(bb) "پوکي هيٺ آيل ايراضي" مطلب زمين جي ڪا ايراضي جيڪا ٽيڪس واري سال ۾ هڪ دفعو پوکي وئي هجي، بشمول پڪل باغيچي جون شيون، باغبانيءَ سان لاڳاپيل شيون ۽ پان جا پن، جن ۾ جهنگلي يا باغباني سان لاڳاپايل ٻوٽا نہ هجن؛<br>(bbb) "پڌرنامو" مطلب بيان ڪيل طريقي موجب سموري پوکي ڪيل ايراضي جو پڌرنامو، جنهن ۾ اهڙا تفصيل ۽ اهڙو اسٽيٽمينٽ، سرٽيفڪيٽ ۽ ٻيا ڪاغذ شامل هجن، ۽ اهڙيءَ ريت تصديق ٿيل هجن، جيئن بيان ڪيو ويو هجي؛"؛<br>(ii) شق (i) ۾، آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي سيمي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺين ريت اضافو ڪيو ويندو: |

3. ڇاٽايل ايڪٽ ۾ دفعہ 3 لاءِ هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

(j) ”ٽيڪس وارو سال“ مان مراد زرعي سال آهي، جيئن تہ سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ، 1967 ۾ بيان ڪيو ويو آهي.“

3. **”ٽيڪس اوڳاڙڻ“** (1) اهڙن مالڪن کان ڪا بہ ٽيڪس نہ اوڳاڙي ويندي جن وٽ سموري ٻارنهن ايڪڙ يا ٻئراج جي ايراضي ۾ ان کان گهٽ زمين هجي ۽ چوويهہ ايڪڙ يا ٻئراج کان سواءِ ايراضي ۾ ان کان گهٽ ايراضي هجي:

بشرطيڪ هن ذيلي دفعہ ۾ ڪجهہ بہ باغيچن ۽ باغن تي لاڳو نہ ٿيندو.

(2) جيئن ذيلي دفعہ (1) ۾ بيان ڪيو ويو آهي، ٽيڪس زمين جي مالڪ کان، هيٺ ڄاڻايل اگهن تي پوکي ڪيل ايراضي بنيادن تي اوڳاڙي ويندي:

| | |
|---|---|
| ڪپهہ | 75 رپيا في ايڪڙ |
| ڪمند | 75 رپيا في ايڪڙ |
| ڪڻڪ | 40 رپيا في ايڪڙ |
| چانور | 30 رپيا في ايڪڙ |
| پڪل باغ/باغيچا | 300 رپيا في ايڪڙ |
| ٻيا سمورا فصل | 40 رپيا في ايڪڙ |

بشرطيڪ ٻئراج کانسواءِ ايراضي ۾ مٿي ڄاڻايل اگهن جي اڌ تي اگهہ هوندا.

وضاحت: جيڪڏهن ڪو مالڪ ساڳي زمين تي ساڳئي پوکي جي مند دوران هڪ کان وڌيڪ فصل پوکي ٿو

1994 جي سنڌ ايڪٽ XXII جي دفعہ 3 جي ترميم

Amendment of section 3 of Sindh Act XXII of 1994

تہ ان کان فصل جي بنيادن تي اوڳاڙي ڪئي ويندي. جيڪا ٻنهي فصلن جي اندازي لڳائڻ ۾ وڌيڪ هجي.

(3) جيستائين ڪجهہ ذيلي دفعہ (2) جي گنجائشن جي متضاد نہ هجي، ٽيڪس پهرين جولائي، 1998 کان صافي آمدنيءَ جي بنياد تي اوڳاڙي ويندي جيئن بيان ڪيو ويو هجي.".

1899 جي ايڪٽ II جي دفعہ 73 جي ترميم
Amendment of section 73 of Act II of 1899

4. ڄاڻايل ايڪٽ ۾، دفعہ 6_A لاءِ هيٺين ريت متبادل ڻايو ويندو:

"(6_A: **ناڪاميءَ تي ڏنڊ:** جيڪڏهن ڪو زمين جو مالڪ ڪنهن مناسب سبب کانسواءِ، وقت اندر دفعہ 5 مطابق ڊڪلرئيشن ڏيڻ ۾ ناڪام وڃي ٿو تہ ڪليڪٽر هن تي ڏنڊ هڻي سگهي ٿو، جيڪو في روز هڪ سئو روپيا هوندو، جنهن روز کان هو ناڪام ويو آهي.

(6_B، **نوٽيس تي عمل نہ ڪرڻ تي ڏنڊ)** جتي ڪو مالڪ، بنا جوڳي سبب جي، دفعہ 6 تحت جاري ڪيل ڪنهن نوٽيس تي عمل ڪرڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو، ڪليڪٽر مٿس ڏنڊ مڙهي سگهي ٿو جيڪو آباد ڪيل سموري زمين تي اوڳاڙي لائق ٽيڪس کان وڌيڪ نہ هوندو:

(6_C، **پوکي ڪيل زمين لڪائڻ تي ڏنڊ)** جتي هن ايڪٽ تحت ڪنهن ڪارروائي جي صورت ۾، ڪليڪٽر، اپيليٽ يا پرووزنل اٿارٽي مطمئن آهي تہ ڪنهن مالڪ، ساڳي ڪارروائي يا ان کان اڳ ڪنهن ڪارروائي ۾ پنهنجي پوک ڪيل ايراضي لڪائي آهي يا اهڙي ايراضي يا زمين جا غلط انگ اکر ڏنا اٿائين، اهو اهڙي مالڪ تي ڏنڊ مڙهي سگهي ٿو جيڪو اڍائي دفعا وڌيڪ هوندو، پر ڪنهن بہ صورت ۾ لاڳو

ٽيندڙ ٽيڪس کان گهٽ نہ هوندو.

**(D_6. ٻڌڻي جي نوٽيس کان پوءِ ڏنڊ مڙهڻ)** (1) ڪو بہ ڏنڊ هن ايڪٽ تحت ڪنهن مالڪ تي نہ مڙهيو ويندو جيستائين ان کي ٻڌڻ جو جوڳو موقعو فراهم نہ ڪيو وڃي.

(2) اهڙو ڏنڊ لڳائڻ هن ايڪٽ جي تحت اهڙي مالڪ جي خريد ڪيل ڪنهن بہ ٻي ذميواري سان گڏ بنا ڪنهن فرق جي هوندو.

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**